# ساس سٽي سکر.ڪام

# ”گوهر“

## ترتيب : محبوب علي جوکيو

## ڊجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ

## سکرسٽي

www.sascitysukkur.com     www.ebooks.sascitysukkur.com

www.sascitysukkur.com

# چيف ايڊيٽر



# عبداللطيف انصاري

0333.7146119

# هي ڪتاب، سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ادبي سائيٽ

# وائيس آف سنڌ ڊاٽ نيٽ

## جي ٽورن سان پيش ڪجي ٿو.

# www.voiceofsindh.net

# پڌاڪر

هادي شهنشاهه عمادالملڪ فقير فولاد علي صاحب صوفي الحيدري جي برڪت ڀري شخصيت ڪنهن تعريف جي محتاج نہ آهي .سنڌ جا امير يا فقير، مولوي يا مولائي ، ملان يا ملنگ ، سڀ هادي شهنشاهہ ڪي سڃاڻن يا سندن نالي ڪان واقفيت رکن ٿا . سائين جن خيرپور ضلعہ جي ميرواهہ تعلقي ۾ ، ٺري شهر ڪان اتر طرف ڇئن ميلن جي فاصلي تي " مينگهو فقيرشر" جي ڳوٺ ۾ ساڪن آهن. هن وقت سندن عمر هڪ سو سالن ڪان مٿي آهي . سائين جن بلوچ خاندان مان آهن .

٢ - هادي شهنشاهہ جو صاحبزادو سائين علي گوهر فقير ، جو هر وقت هادي شهنشاهہ جن جي حضور ۾ حاضر رهي ٿو ، تنهن سائين جن جي روزمره جي گفتگوءَ مان ، جا هيڙن "گوهرن سان" ڀرپور رهي ٿي ، ڪي نڪتا ڪتابي صورت ۾ قلمبند ڪيا آهن ۽ هي نڪتا ، جي " گوهر" جي نالي سان پڙهندڙن

جي خدمت ۾ عرض آهن ، سي منهنجي طرفان اِن اصل ڪتاب تان چونڊيل ۽ ترتيب ڏنل آهن .

٣ - هي " گوهر " عارفن لاءِ صحبت ، طالبن لاءِ رهبري ، عالمن لاءَ چارڻ ۽ جاهلن لاءِ روشني مهيا ڪرڻ جي لحاظ ڪان ڇپائي رهيو آهيان.

گر قبول افتد زهي عزو شرف

خادم الفقراءِ

م- ع- جوکيو

20 فيبروري 1942

# تصوف

* فقيري ٻہ قسم آهي : هڪڙي عام ٻي خاص .
جيڪا عام آهي سا شريعت، نماز روزي سان. خاص فقيري ذوق ديدار الاهيءَ جي واسطي آهي .
* فنا في الرسول ڪئون جيڪو متي ويو، سو عاشق واصلي آهي. جيڪو فنا في الشيخ آهي، سو عارف آهي. جيڪو انهيءَ کان هيٺ، سو اولياءُ آهي .
* فقيري ۽ تصوف انهيءَ ڪي چئبو آهي ، جو ٻي محبت دل ۾ نہ هجيس .
* فقيري اها آهي، جو ناپيد شَي کي اظهار ڪري ۽ پاڻ ناپيد ٿي وڃي .
* فقيري ڇا آهي؟ دل ذڪر سان صاف ڪرڻ، خلق جي منوتي کان پري رهڻ، نفس ڪئون برخلاف ٿيڻ، ڪشف ڪرامت ڪئون دور رهڻ، روح جي حقيقت معلوم ڪرڻ، اسم اعظم جي ڪمائڻ سان بوتي مان نڪرڻ .
* طالبي دمن جي سنڀال ڪرڻ آهي، جنهن سنڀال نہ ڪئي، سو نہ پهچندو.
* ڪپڙن پائڻ سان فقيري هجي ها، تہ ڪن ڦاڙ گرناري جوڳي فقير هجن ها .
* هِت هُت خوش اهو آهي، جنهن پنهنجو پاڻ سڃاتو ۽ اصول کي پهتو.
* الهام ذاڪرن ۽ تکن طالبن جي وصف آهي .
* الله کي الله سان ائين سڃاڻبو، جئين اکين جي نُور سان سج کي سڃاڻبو آهي .
* الله کي الله سان ڳولبو آهي . هنکي پنهنجي جنس لهندي .

# صوفي

* صوفي اهو آهي ، جو ذڪر سان نفس کي فنا ڪري .
* صوفي اهو آهي ، جو دم قضا نہ ڪري . جنهن دم قضا نہ ڪيو، سو نسورو ئي نُور آهي .
* صوفي اهي آهن ، جيڪي انساني وصفن کئون نڪري ويا .
* صوفي اهو آهي جو الله ڏانهن هجي .
* صوفي اهو آهي ، جو توحيد جي گفتار تي جوش ۽ وجد ۾ اچي .
* فقير اهو آهي ، جو دنيا ۽ عقبيٰ ڏي خيال نہ ڪري .
* جنهن صوفيءَ سوال ڪيو، سو صوفي ناهي .
* فقير اهو آهي ، جو روح وانگي پاڪ هجي . جسماني غلاظت کئون صاف هجي .
* صوفيءَ جي پهچ لامڪان تائين آهي . زاهد عابد جي پهچ بهشت تائين .
* صوفي زبان سان الله نہ ڪندو .
* صوفي عارف ادب جي اسڪول جو ماستر آهي .
* صوفي جنهن مهل معراج کي پهتو، تنهن مهل هن جي زبان اڙانگي تي پوندي . ڪثرتي ماڻهن جي سمجھ ۾ نہ ايندي .
* جيڪو صوفي فقير آهي ۽ ملامت اُتس ۽ خلق جي خواري ، اهو رب العالمين کي سخت پيارو آهي .
* جنهن فقير وٽ دنيا ۽ منوتي ۽ نفساني عزت تي ، تنهن جو منهن ڪارو ۽ نيلا پير.
* صوفي پهريون تجريد ۾ رهي تو ، پوءِ تفريد ۾ اچي تو ۽ تنهن کئون پوءِ توحيد ۾ پهچي تو.
* فقير صوفيءَ کي الله کئون سواءِ ڪونہ سڃاڻندو. الله کي بہ فقير سڃاڻندو.

* جنهن جي ياڳي ۾ الله آيو، تہ اهو نبين منجهان آهي.
* عارفن دنيا جو هڏو دنيا جي ڪتن کي ڏنو، عقبيٰ زاهدن کي ڏنائون، پاڻ وجي طالب المولىٰ ٿيا.
* هيءُ الله جو ٿئي، تہ الله سچو هن جو آهي.
* بهشتي بهشت ۾ ويندا، دوزخي دوزخ ۾. عاشق الله ۾ ٻيي هٽي هڪ ٿي ويندا.
* جنهن فقير الله ڏٺو، تنهن جي دل درياءُ آهي.
* جنهن الله سڃاتو، تنهن کئون ڪا شي ڳجهي نہ رهندي، عرش کان وٺي تحت الثريٰ تائين.
* طالب اهو آهي، جنهن جي نفساني خيالات فنا ٿئي.
* ڪامل عارف کي توڙي زماني جي بادشاهي هجي، تہ بہ هن کي ڪثرت نہ وچڙندي.
* زاهدن، عابدن، غوثن ۽ قطبن جي حد آهي، مگر عاشقن جي پهچ جي حد ڪانهي.
* جن الله ڏٺو، الله سان همدم ٿيا، تن کي شفاعت ڇا ڪندي؟
* عارف کئون گمراهيءَ ۽ گناه جهڙو ڪم ڪونہ ٿي سگهندو.
* عاشق الله ۽ الهام کئون پري ويا. هو انهيءَ الهام ڪندڙ سان گڏ آهن.

# دل

* دل ذات حق جو تخت گاه آهي.
* فقير عارف جي دل الله جو آئينو آهي.
* دل ايڏي وڏي آهي، جو ٽيهہ سيپارا، عربي، فارسي، سڀ اندرئن ڪڍيون پيا وڙهن.

* دل الله کي ڏيءِ ته توکي خدا ساريءَ خلق کئون لاغرض ۽ لا احتياج ڪري.
* چئن عادتن سان دل مري ويندي آهي: گهڻو کائڻ، گهڻي ننڊ ڪرڻ، گهڻو ڳالهائڻ ۽ گهڻو کلڻ.
* ماڻهو قرآن ٿا پڙهن، مگر عارف دل جو دور ٿا ڪن.

# جسم

* جسم مون نڪرڻ ٻه قسم آهي: هڪ عام، ٻيو خاص. عام ته ڪتا به مرن ٿا. خاص جسم مون نڪرڻ اسم اعظم جي وسيلي ٿيندو.
* بوتو صوفيءَ ڪاڻ اڙَ آهي.
* جسم اسم اعظم جي ڳُڦ لٿي درياءُ آهي.
* جيڪو بوتي جي مڙهيءَ جو قيد آهي، سو صحبت جي لائق نه آهي.
* جيڪو بوتي جي مڙهيءَ جو قيدي آهي، سو هت به قيدي آهي، هُت عقبىٰ ۾ مُئي کئون پوءِ به قيدي آهي.
* قدم پنهنجي بوتي مئون ڪڍي پنهنجي سر تي رک، ته الله ٻيءَ وک تي ويٺو آهي.

# نفس

* نفس ۾ چار عادتون آهن: هڪ ته حق جو منڪر، ٻيو بي شناس، ٽيون ڪاڏو، چوٿون مِڪريل.

* دنيا هڪ مارڪيٽ آهي. مارڪيٽ ۾ نفس سوداگر آهي. جنهن نفس کئون ڪاٻه شي وٺي ڪاڏي، تنهن کي دنيا جو اثر دل تي وٺي ويندو ۽ الله کئون دور تي ويندو.
* جيستائين نفس نہ مرندو، تيستائين صوفي مئل آهي.
* جنهن نفس کي زيردست ڪيو، تہ پوءِ سارو عالم اُن زبردست جو زيردست آهي.
* نفس سان دشمني ڪر، تہ پوءِ الله يار ٿئي.
* جنهن نفس ماريو، اهو پهلوان آهي.
* جيستائين نفس کي نہ ڪهندين، تہ حق جي طرف پرواز نہ ڪندين.
* جيڪو نفس ڏانهن ناراض آهي، تنهن تي الله راضي آهي.
* جيڪو فاني ٿيندو (نفس کي فاني ڪندو) سو بقا وٺندو. ان کي حق جو لقاءُ ٿيندو.
* جنهنکي نفساني حياتي آهي، اهو دم نڪتي کئون پوءِ ڇڻ ڪتو مئو.
* جيڪو حق سان حيات آهي، سو سدائين جيئرو آهي.
* خدا وٽ سيني عادتن کئون نفس جي برخلافي پسند آهي.
* عارفن ۽ عاشقن جيئري ئي نفس جي قيد کئون آزادي ورتي.
* نفس واري پيلي کي باھ ڏي، تہ الله پڌر تي نڪري پوندو.
* هلندڙ طالب جو نفس ڪتل نہ آهي. توڙي ڪهڙو بہ سچو آهي، تہ بہ ترڪڻ ۽ گمراھ ٿيڻ جو خوف اٿس.
* حق جي طلب لاءِ اڳ ۾ پنهنجي نفس کي ائين طلاق ڏجي، جئين بدڪار عورت کي مڙس طلاق ڏئي.
* نفس جي وڻ کي جي پائخاني جو پاڻي ملندو، تہ پشيمانيءَ جو ڦر جهليندو.

# خودي

* جيڪو پاڻ کي وساريندو، تہ الله ان کي ياد ڪندو.
* گناه ڪئون هڪ دفعو استغفار ڪبو آهي، پر خودي نفسانيءَ ڪئون هزار دفعا توبہ ڪري، تڏهين لائق ٿيندو.
* الله جو هنڌ اتي آهي، جتي ”مان“ نہ آهي.
* جيستائين تون بہ آهين ۽ الله کي بہ چاهين ٿو، تيستائين مشرڪ آهين.

# علم

* علم انهيءَ کي چئبو آهي تہ پاڻ سڃاڻين.
* لدني علم ئي علم آهي.
* عشق جو علم حياتي آهي، نفس جو علم مماتي آهي.
* جيڪا دل ظاهري علم سان ڪاري آهي، تنهن جو اڇو ٿيڻ محال آهي.
* جيڪڏهن مرشد منصور جهڙو ڪامل هوندو تہ اُنجو طالب علم وارو سڌرندو.
* عالم شخص اهو آهي، جو لدني علم جو دور دل تي ڪري، پر جيڪي ظاهري عالم آهن، سي ڪسبي آهن.

# دم

* هي دم حقاني، روڪڙ ۾ خزاني شاهيءَ مئون آدمين کي مليل آهي.
* جنهن اهي دم عشق جي راه ۾ خرچ ڪيا، ان کي وڏي شاهي خزاني جي حڪومت ملندي.
* جيڪو دم جو ذڪر ڪمائيندو، امتحان 'من خدايم' جو ڏيندو، ته هو پنهي جهانن جو بادشاهه عرش اعظم جو مالڪ ۽ الله جو آئينو آهي.
* الله وٽ دم وارو درياءُ موجان ڪندو وڃي پهچي تو.

# ذڪر

* ذڪر طالب جو ذوق آهي، فڪر عارف جو شوق آهي.
* ذڪر جو جوهر فڪر آهي، فڪر جو جوهر خيال آهي.
* الله جو ذڪر وسارڻ سيني گناهن جو منڍ آهي.
* الله جي رحمت جو نشان اهو آهي، ته آدمي الله کي ياد ڪري.
* ذڪر جي مست جي دوا ديدار الاهي آهي.
* جيستائين ذڪر جي ترار اسم، جسم ۾ ريت رسم کي نه وڍيندي، تيستائين تون عشق ڪئون دور هوندين.
* جيڪي اسم اعظم سان لڳا، سي نفس جي صلاح سان نه بيٺا، هليا ويا، غافل مارجي ويا.
* جيڪڏهن توکي الله ڏسڻ جي محبت آهي، ته هر دم سان ذڪر ڪر.
* جنهن دم سان ذڪر ڪمايو، ته انهيءَ سان الله 'ونحن اقرب' وارو ويجهو آهي.

* جنهن زبان سان الله الله ڪيو، ته انهيءَ جو الله پري آهي، عرش ڏي.

# وجد

* وجد مئل دل کي جيئرو ڪري ٿو.
* صوفيءَ کي وجد مهل عشق جي پوشاڪ پوي ٿي، جنهن ۾ ڦڙڪي، ڏڪي ۽ ڦٿڪي ٿو.

# عشق

* عشق هڪ دل ڦرجڻ جي جاءِ آهي.
* عشق شهباز آهي، پيو سارو جهان دراج آهي.
* عشق جي شراب سان ٻئي جهان زنده آهن. سڀ ڪنهن ساهواري ۾ عشق جو شراب آهي.
* عشق جو وڻ ذڪر جي پاڻيءَ سان سائو ٿيندو ۽ من خدايم جو ميوو ڪندو.
* عشق مولیٰ جو هيري وانگر قاتل آهي، جنهن وٽ ايندو ته نفس جو بند ڪٽي ڏيندو.
* عاشقن جي حد عرش ڪرسيءَ کئون پري آهي.

# ڪرامت

* ڪشف ڪرامت الله جو مڪر آهي ۽ نفس جو ڏؤ آهي.
* جنهن آدميءَ الله کان ڪشف، ڪرامت ۽ منوتي گهُري، تنهن کي الله جي ديدار کئون جواب آهي.
* جنهن ڪشف ڪرامت ڦتي ڪئي ته اهو ڪامل عاشق ٿيندو.

# صحبت

* فقير جي صحبت ۾ جيڪو رهيو، سو جوانمرد آهي.
* الله سان هڪدم گڏ ٿيڻ پنهي جهانن جي بادشاهيءَ کئون وڏيڪ آهي.
* طالب ۽ مرشد جي گڏ هجڻ ۾ الله جي گفتار هلندي. اتي نفس کي وارو نه ملندو.
* جنهن عاشق پنڌ ڪري دل وجان سان صوفيءَ جي صحبت پڏي ۽ فقير کي ڏٺائين ته هزار حج پيرين پيادي جيترو درجو ملندس.
* دنيا جي دوستيءَ مئون غرور ٿيندو، عارف جي صحبت مئون حق جو نور ٿيندو.
* صحبت جو لائق اهو آهي ۽ ان سان ڪيو، جيڪو ٽنهي جهانن جو رهاڪو آهي.
* خلق ۽ دنيا وارن سان جنهن رغبت ڪئي، ته اهو فقير ناهي، اهو فرعون، هامان ۽ نمرود آهي.

# دنيا

* دنيا ناپاڪ آهي، جيڪو ان ڏي مائل ٿيندو، سو به پليت آهي.
* دنيا پائخانو ۽ ڍوند آهي. پائخاني ۽ ڍوند ڏي ضرور ڪتو ويندو، نه فقير.
* اوهان جون زالون ۽ پٽ اوهانکي الله کئون گمراه ڪندا، چو ته اهي جنجل آهن.
* دنيا نفس جو شرابخانو آهي، جيڪو شرابخاني ۾ رهندو، سو الله ڏانهن گمراه رهندو.
* جيڪو ڪم الله کئون گمراه ڪري، انهيءَ جو نالو دنيا آهي.
* دنيادارن ۽ دنيا جي محبت سيني خطائن جو مند آهي.
* باغن ۽ املاڪن تي خوش نه ٿيو، جو آدم کي بهشت جهڙي باغ وفا نه ڪئي.
* نانگ بلا جو زهر چڪ پائڻ سان وٺندو آهي، پر دنيا ۽ عورت جو زهر ڏسڻ سان وٺي ويندو آهي.

# طمع

* طمع سيني گناهن جو مور آهي.
* دين اسلام، شيطان ۽ ڪفر کئون ايترو نه ڊڄندو آهي، جيترو ٻن ماڻهن کئون: هڪ طمعي عالم کئون، ٻيو جاهل صوفيءَ کئون.
* دنيا جي طمعيءَ ۽ حرصيءَ کي ڪنهن به فقير جو نڪتو نه لڳندو ۽ چيو نه وٺندو. هو لادوا آهي.

# عبادت

* نمازي مسلمان گهڻا آهن، مگر حقيقي مسلمان ڪونہ ليندو.
* جنهن نمازيءَ پين کي حقارت سان ڏٺو، تہ بي نمازي آهي. ان جي نماز رد آهي.
* صوفيءَ ڪاڻ نماز ۽ خلق جو نياز الله ڏانهن پت ۽ جبل آڏو اٿس.
* جيڪو نماز ادا ڪندو، سو خلق وٽ ڏاڍو پسند ايندو، انکي اهو بدلو ملي ويو.
* نماز هڪ ڪڙيو آهي، انجي پاڙيءَ جي پڇڙي ۽ چوڙ بهشت ۾ آهي. پر واٽ تي خيالات جا ڍورا آهن. ڳرڪو ڪري پاڙي پجي پوي، تہ نمازن جو فصل ئي رَئي تي وڃي.
* عبادت کي ڏڪو ڏئي، معرفت جي سموند ۾ وڃي غرق ٿيءُ.
* جيڪو عبادت تي راضي ٿيو، سو جاهل ٿيو. جيڪو ڪرامت تي خوش ٿيو، سو ڪاهل ٿيو.
* عبادت تي هستي ۽ خودي نہ ڪيو، تہ عابد برشعشا وارو ڪم نہ ٿئيو.
* الله مراقبي ۽ پرهيزگاريءَ کان هوڏجي پوندو.انهيءَ کي ديدار ڪئون جواب ڏيندو.
* الله تسبيح ۽ مصلي ۽ نماز سان ڪونہ ليندو. جڏي چتو الله، منهن نہ هٽو دوڙ ۾.
* جنهنکي بهشت جو شوق آهي ۽ دوزخ جي خوف ڪئون عبادت ڪري ٿو، ان جو الله دڪو ئي داخل ڪونہ ڪندو.
* عبادت خاص اها آهي، جنهن مئون الله جو وصل ٿئي.

# بُک

* بُک نفساني باھ کي وسائيندي ۽ حقاني نور کي روشن ڪندي آهي

* بُک نُور جو مينھن وسائيندي آهي. ڍو دوزخ جي باھ جا اُلا وسائيندو آهي.
* ڍو حقاني نُور کي وِسائيندو ۽ نفساني باھ کي ٻارڻدو.
* ڍو سيني گناهن جو مور آهي.
* سيني عبادتن جو مندي رات جي نہ ڪائڻ ۾ آهي.
* نفس کي بُک ڏيئي، تہ فرمان ۾ ايندو. ڍو سان ڪريل نفس بہ اٽي ڪڙو ٿيندو.
* بُک نفس ڪاڻ ائين آهي، جيئن ڪتي ڪاڻ زهرڪچلي جي گوري.

# پرهيز

* پرهيزگاري ڇا آهي؟ دنيا کي ٽي طلاق ڏيڻ، نفس کئون بيزار رهڻ، حق سان محبت رکڻ.
* صوفي بہ زائفان واري ڪِري ڪري. زائفان پار واري سنهو اٽو نہ ڪائيندي، ڍوَ تي ماني نہ ڪائيندي، پاٽي گهٽ پيئندي، گوشت بہ نہ ڪائيندي، اوجاڳو بہ ڪندي. هر وقت پار جي نظر هوندس، جيستائين پنڌ ڪري وجي پيءُ کي ملي. صوفي بہ ايستائين پرهيز ڪري، جيستائين پاڻ مئون نڪري وجي، ذات سان ملي.

* صوفيءَ کي زنا کئون سخت منع آهي: هڪ اک جي زنا، ٻي زبان جي زنا، ٽين ڪنن جي زنا، چوٿين هٿن جي زنا، پنجين پيرن جي زنا، ڇهين ارادي جي زنا ۽ ستين هوءَ وڏي زنا.
* صوفي اوبر ڪنهن جي نہ کائي.
* صوفيءَ کي مُئي جي نيت جي ماني عين حرام آهي.
* صوفيءَ کي بيمار جي ڪاڌاري جي ماني حرام آهي، جو اها گهور ۽ صدقو آهي.
* صوفيءَ کي نانوائيءَ جي ماني کائڻ حق نہ آهي.
* صوفي لذتي طعام کائيندو تہ نقصان پهچندس. غفلت جو نقصان ۽ ذڪر جو وسارو ٿيندس.
* مٽ جو پاڻي صوفيءَ کي مردار، عين حرام آهي.
* صوفي طالب، اڌ پهرن ۾ رات جو هڪ پهر ننڊ ڪري.

# متفرق

* امام اهو آهي، جو ٽنهي جهانن جي خبر ڏئي.
* مصطفیٰ ۽ مرتضیٰ اسان جا هادي رهبر آهن.
* رسولِ خدا جيئرو آهي، پر ماڻهو مئل آهن، جو انکي نٿا ڏسن.
* جو شخص الله کئون گمراهہ آهي، ان جو گذارو حياتي ۾ ظاهر دوزخ ۾ آهي.
* الله جي ڪاوڙ جو نشان اهو آهي، تہ آدمي انهيءَ کئون گمراهہ ٿئي.
* جيڪو محبوب سان محبت ڪري، ٻئي طرف لاڙو ڪندو، تہ محبوب انهيءَ جي نفس تي مصيبت موڪليندو.
* جنهن کي الله جي محبت ناهي، سو مئل آهي.

* بي ادب اُهي آهن، جن الله گم ڪيو.
* جنهن کي ذاتي مشاهدو، سو امير آهي. جنهن کي صفاتي شهود آهي، سو اسير آهي.
* جوانمرد اهو آهي، جو شفاعت ۾ اميدوار نہ ٿئي. جنهن شفاعت ۾ اميد رکي، سو نامرد آهي.
* جيڪو سُني ۽ شيعي مذهب جي پائي سان الله ڏسڻ گهري، سو چڻ اماڙي يا ٻتي ٻاري ڏينهن جو سج ٿو ڳولي.
* زمين جو سفر پَيرن کي تنگ ڪندو آهي. آسمان جو سفر دل کي فراخ ڪندو آهي.
* لامڪان کئون وٺي تحت الثرىٰ تائين، خيال جو ملڪ ۽ شهر آهي.
* واصليءَ کي آواز (راڳ ويراڳ) ٻڌڻ تہ معراج آهي.
* توڪل چاهي؟ الله کئون سوا ٻئي ماڻهوءَ ۾ اميد نہ رکڻ، دنيا دارن جي صحبت کئون پري رهڻ توڪل جي انتها آهي.

# پورو ٿيو